# ننڍڙي ڄمار
## وارا وليَ سڳورا

12-December-2019

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سنتن ڀريو بيان

(For Islamic Borthers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# ننڍڙي ڇمارواراولي سڳورا

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا رَسُوْلَ اللہ وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا حَبِیْبَ اللہ
اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا نَبِیَّ اللہ وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا نُوْرَ اللہ

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جوتہ جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد اللہ تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاويٰ شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجھ دير ذِڪرُاللہ ڪري پوءِ جو چاهي ڪري **(يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو).**

## دُرُود شريف جي فضيلت

سرڪارِ عالي وقار، محبوبِ رَبِّ غفّار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عافيت نشان آهي: قِيامت جي ڏينهن اللہ پاڪ جي عرش جي علاوه ڪنهن بہ شيءِ جو ڇانو نہ هوندي، ٽي (3) شَخص اللہ پاڪ جي عرش جي ڇانو ۾ هوندا: (1) اُهو شخص جيڪو منهنجي اُمتي جي پريشاني دور ڪري (2) منهنجي سنّت کي زنده ڪرڻ وارو (3) مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهڻ وارو. (البدور السافرة،باب الاعمال الموجبة لظل العرش...الخ، ص٩٣.)

نبی کی شان میں ہو جس قدر دُرود پڑھو مُحِبّو! پاؤ گے جنت میں گھر دُرود پڑھو

بچاوے تم کو جو دوزخ سے ایسے مُحسِن پر
سدا اسلام کہو عُمر بھر دُرود پڑھو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❖ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❖ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❖ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❖ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❖ صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا إلَى الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❖ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ربيع الآخر جو مهينو جاري ۽ ساري آهي، هن مهيني کي پيرِ پِيران، مِيرِ مِيران، شاهِ جيلان حضور غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سان خاص نسبت حاصل آهي، هاڻي ڪجهه ئي ڏينهن پهريان سنڌن وڏي يارهين شريف

گذري آهي، هن ۾ شڪ ناهي تہ حضورِ غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه مادرزاد يعني پيدائشي وليُ الله هئا. حضور غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي ولادت جي وقت جيڪي حيرت انگيز واقعا ٿيا اهي وڏا مشهور آهن.

## غوث پاڪ مادرزاد ولي

جنهن ڏينهن پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي وِلادَت ٿي، ان رات جِيلان شريف ۾ يارنهن سؤ ٻار پيدا ٿيا، اهي سڀ جا سڀ ڇوڪرا هئا ۽ سڀئي وليُّ الله بڻيا. (منے کی لاش، ص۵)

حضرت سَيدُنا غوثِ اعظم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي امڙ سائڻ حضرت سَيدَتُنا اُمُّ الْخَير فاطمہ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهَا فرمائينديون هيون: جڏهن منهنجو پٽ عبدُالقادِر پيدا ٿيو تہ هو رَمَضانُ المُبارَڪ ۾ ڏينهن جي وَقت منهنجو کير نہ پيئندو هو، اڳئين سال رَمَضان جو چنڊ ڪڪرن جي ڪري نظر نہ آيو تہ ماڻهو مون وٽ پڇڻ آيا تہ مون چيو تہ ”منهنجي ٻار کير ناهي پيتو.“ پوءِ مَعلُوم ٿيو تہ اڄ رَمَضان جو ڏينهن آهي ۽ اسان جي شهر ۾ اها ڳالهہ مَشهور ٿي وئي تہ سَيدن ۾ هڪ ٻار پيدا ٿيو آهي جيڪو رَمَضان المُبارَڪ ۾ ڏينهن جي وقت کير ناهي پيئندو. (بهجة الاسرار، ذكر نسبه وصفته، ص ١٧٢)

سندن جون ڪجهہ ڪرامتون تہ ماءُ جي پيٽ مان ئي ظاهر ٿيون جيئن تہ منقول آهي تہ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه اڃا پنهنجي امڙ جي پيٽ ۾ هئا ۽ امڙ کي جڏهن ڇنڪ ايندي هئي تہ ان تي هو ”اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه“ چونديون هيون، تہ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پيٽ ئي مان جواب ۾ ”يَرۡحَمُكَ الله“ چوندا هئا، پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پهرين رَمَضانُ المُبارَڪ صبحِ صادِق جي وَقت دُنيا ۾ جَلوه گر ٿيا، ان وَقت چپ مبارڪ آهستي آهستي چُري رهيا هئا ۽ الله الله جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو پئي. (منے کی لاش، ص۴-۵ ملتقطاً)

اَمِيرِ اهلسنّت، حضرتِ علّامہ مَولانا محمد الياس عطّار قادِري دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه حضورِ غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي شان ۾ عقيدت ڀريو هديو پيش ڪندي فرمائن ٿا:

رونقِ کل اولیا یا غوثِ اعظم دَستْ گیر
پیشوائے اَصفیا یا غوثِ اعظم دَستْ گیر
آپ ہیں پیروں کے پیر اور آپ ہیں روشن ضمیر
آپ شاہِ اَتقیا یا غوثِ اعظم دَستْ گیر
پیدا ہوتے ہی رکھے رَمضاں میں روزے، دن میں دودھ
کا نہ اک قطرہ پیا یا غوثِ اعظم دَستْ گیر

(وسائلِ بخشش مُرمَّم، ص۵۴۷)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! پيرن جي پير، روشن ضمير، پير دَستگِير حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي علاوه ٻيا ٻه اهڙا ڪيئي بزرگ سڳورا آهن جيڪي پيدائشي طور تي الله پاڪ جا ولي هئا، اڄ اسان انهن مان ڪجهه جي باري ۾ ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين. اچو سڀ کان پهريان ان ننڍڙيءَ وليه جو تذڪرو ٻڌون ٿا جنهن جو ذڪر الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمايو آهي.

## حضرت بي بي مريم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا جو تذڪرو

اهي الله پاڪ جي پياري نبي حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي والده حضرت بي بي مريم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا آهن. بي بي مريم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا جي والد جو نالو حضرت عمران رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ۽ والده جو نالو حضرت بي بي حَنَّہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا آهي. بي بي مريم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا جا والد حضرت عمران رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه الله پاڪ جي نبي حضرت زڪريا عَلَيْهِ السَّلَام جا سنڍو هئا، يعني حضرت عمران جي زوجه محترمه ۽ حضرت سيدنا زَڪرِيا عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي زوجه محترمه ٻئي ڀيڻون هيون. حضرت عمران ۽ حضرت حَنَّہ جي شادي کي هڪ عرصو گذري ويو، پر اولاد جي نعمت انهن کي حاصل نه ٿي

هئي. وقت گذرندو رهيو ۽ هاڻي اهي عمر جي ان حصي کي پهچي چڪا هئا جنهن ۾ عام طور تي اولاد ٿيڻ جي اميد ختم ٿي ويندي آهي پر اهي نااميد نہ هئا، هڪ ڏينهن حضرت حَنَّہ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهَا ڪنهن وڻ جي ڇانو ۾ ويٺل هئي تہ هڪ پکي تي نظر پئي جيڪو پنهنجي ٻچن کي داڻو کارائي رهيو هو. ان سبب سندن دل ۾ اولاد جو شوق ويتر وڌي ويو، تڏهن پاڻ باس باسي تہ جيڪڏهن الله ڪريم مون کي اولاد عطا فرمائيندو تہ ان کي مان بيت المقدس جي لاءِ وقف ڪنديس. (تفسير الخازن، پ ٣، آلِ عمران، تحت الآية: ٣٥، ١/٢٤٠، ملتقطًا) ان دور ۾ بيت المقدس جي خدمت جي لاءِ ڇوڪرا وَقف ڪيا ويندا هئا، ڇوڪريون وقف نہ ڪيون ويندیون هيون. اهي ٻار بالغ ٿيڻ تائين اتي جي خدمت ڪندا هئا، بالغ ٿيڻ کان پوءِ اهي چاهيندا هئا تہ اهڙي طرح ئي رهندا هئا ۽ جيڪڏهن چاهيندا هئا تہ دنيا جي ڪم ڪار ۾ مشغول ٿي ويندا هئا. (تفسيرِ نعيمی، پ٣، آلِ عمران، تحت الآيہ:٣٥، ٣/٣٧١-) (تفسير الخازن، پ٣، آلِ عمران، تحت الآية:٣٥، ١/٢٣٩، بتغير)

ڏينهن رات گذرندا رهيا پوءِ هڪ ڏينهن اها خوشيءَ واري گهڙي بہ اچي وئي جڏهن حضرت حَنَّہ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهَا کي نياڻيءَ جو اولاد ٿيو، اهو انهن جي لاءِ وڏي خوشي جو موقعو هو پر جيئن تہ پٽ جي اميد تي پاڻ ان کي بَيتُ المقدس جي خدمت جي لاءِ وَقف ڪرڻ جي باس باسي چڪيون هيون ۽ خِلَافِ اُمّيد نياڻي پيدا ٿي هئي جنهن جي ڪري باس پوري ڪرڻ بَظاهر ناممڪن ٿي ويو هو، حضرت حَنَّہ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهَا ان ٻارڙيءَ جو نالو رکيو ۽ جيئن تہ پاڻ ان کي بَيتُ المقدس ۾ رکڻ جي نِيت ڪئي هئي ان ڪري ان کي ڪٽي هڪ ڪپڙي ۾ لپيٽي بَيتُ المقدس ڏانهن هلي پيون.

بَيتُ المقدس ۾ ان وقت چار هزار خادم رهندا هئا ۽ انهن جا سردار ستاويهہ (27) يا ستر (70) هئا. جن جا امير حضرت زَڪريا عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام هئا. (تفسيرِ نعيمی، پ٣، آلِ عمران، تحت الآيہ:٣٧، ٣/٣٨١، بتغير قليل) حضرت حَنَّہ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهَا پنهنجي نياڻيءَ کي وٺي جڏهن اتي پهتيون تہ ان کي عالمن جي سامهون پيش ڪندي چيائون: اها منهنجي نياڻي آهي جنهن کي مون (الله پاڪ جي عِبادت ۽ بَيتُ المقدس جي خدمت

جي لاءِ) آزاد (يعني وَقف) ڪري ڇڏيو آهي. جيتوڻيڪ ڇوڪريون هن خدمت جي صلاحيت نہ رکنديون هيون پر (جيئن تہ مان ان کي وَقف ڪري چڪي آهيان ان ڪري) مان ان کي موٽائي گھر بہ نٿي ڪٽي وڃي سگھان، تنهنڪري اوهان حضرات منهنجي اها باس قبول فرمائي وٺو. (الدر المنثور، پ٣، آلِ عمران، تحت الآية:٣٦، ١٨٣/٢) انهن عالم سڳورن ان ٻارڙي جي پرورش کي پنهنجي لاءِ عزت ۽ وقار جو سبب سمجهيو ۽ هر هڪ ان جي لاءِ پنهنجون خدمتون پيش ڪرڻ لڳو. نيٺ ان پاڪ باز ننڍڙيءَ جي پرورش جو ذمو حضرت زَڪرِيا عَلَيه الصَّلٰوة وَالسَّلَام کي مليو جيڪي انهن عالمن جا سردار ۽ ٻارڙي جا ماسڙ هئا. (تفسير نعيمى،پ٣، آلِ عمران، تحت الآيہ:٣٧، ٣٨١/٣، بتغير-تفسير الخازن، پ٣، آلِ عمران، تحت الآية:٣٧، ٢٤١/١، مختصرًا-تفسير الجلالين مع حاشية الصاوى، پ٣، آلِ عمران، تحت الآية:٣٧، ٢٣١/١، مختصرًا)

حضرت زَڪرِيا عَلَيه الصَّلٰوة وَالسَّلَام بَيتُ المقدس ۾ مسجِد جي فرش سان ٿورو مٿي هڪ ڪمرو ٺهرايو ۽ اتي ان ننڍڙي کي رکيو، اتي پاڻ عَلَيهِ السَّلَام جي علاوه ٻيو ڪو نہ ويندو هو. کائڻ پيئڻ وغيره جو سامانِ ضرورت بہ پاڻ ئي ڪٽي ويندا هئا. (جلالين مع الصاوى، پ٣، آلِ عمران، تحت الآية:٣٧، ٢٣١/١) ۽ واپَسي تي تمام دروازا بند ڪري تالو لڳائي ايندا هئا. (روح المعانى، پ٣، آلِ عمران، تحت الآية:٣٧، ١٨٦/٣، بتغير قليل) پاڻ عَلَيه الصَّلٰوة وَالسَّلَام جڏهن کائڻ پيئڻ جو سامان ڪٽي اتي پهچندا هئا تہ ان ننڍڙي ٻارڙي وٽ اڻ مُنڌائتا ميوا ڏسندا هئا. يعني گرمي جا ميوا سياري ۾ ۽ سياري جا ميوا اونهاري ۾ هوندا هئا. (جلالين مع الصاوى،پ٣، آلِ عمران، تحت الآية:٣٧، ٢٣١/١) هڪ ڀيري حضرت زَڪرِيا عَلَيه الصَّلٰوة وَالسَّلَام ان کي مُخَاطَب ڪري ميون جي باري ۾ پڇيو تہ

قَالَ يٰمَرْيَمُ اَنّٰى لَكِ هٰذَا ؕ
(پ٣، آل عمران:٣٧)

ترجمو ڪنزالايمان: چيائين اي مريم هي تو وٽ ڪٿان آيو. (عمران 37)

ننڍپڻ جي ان ننڍڙيءَ عمر شريف ۾ ان ٻارڙي ڪهڙو ايمان افروز جواب ڏنو... چوڻ لڳيون:

هُوَ مِنۡ عِنۡدِ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يَرۡزُقُ مَنۡ يَّشَآءُ بِغَيۡرِ حِسَابٍ ﴿۳۷﴾

(پ۳، آل عمران:۳۷)

ترجمو ڪنزالايمان: چوڻ لڳي هي الله جي طرفان آهي بيشڪ الله جنهن کي گهري بي حساب ڏي. (عمران 37)

## حضرت زَكرِيا عَلَيۡهِ السَّلَام جي دعا

حضرت زَڪرِيا عَلَيه الصَّلوٰة وَالسَّلَام جڏهن بارڙي جي اها ڪرامت ڏٺي ته انهن وٽ اڻ مُنڊائتا جنّتي ميوا اچن ٿا ۽ انهن جو اهو جواب ٻڌو ته پاڻ عَلَيه الصَّلوٰة وَالسَّلَام جي دل ۾ فرزند جو شوق پيدا ٿيو. (المرجع السابق، تحت الآية:۳۸، ۳۹۰/۳، بتغير قليل) ان وقت پاڻ عَلَيه الصَّلوٰة وَالسَّلَام ۽ سندن زوجہ محترمہ ٻئي وڏي عمر جا ٿي چڪا هئا ۽ ان عمر ۾ عام طور تي اولاد ناهي ٿيندو، پر پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام يقين ڪري ورتو ته جيڪو ربّ ان بارڙي کي بي موسم ميوا ڏيڻ تي قادِر آهي ۽ جيڪو بَيتُ المقدس جي خدمت جي لاءِ ڇوڪري جي بدران ڇوڪريءَ ۽ جَوَان جي بدران بارڙيءَ کي قبول فرمائي ورتو آهي ۽ جيڪو ان بارڙي کي ننڍپڻ ۾ ڳالهائڻ جي طاقت ڏيندو آهي ۽ جيڪو بغير گمان رِزق ڏيڻ تي قادِر آهي اهو مون جهڙي وڏي عمر واري کي منهنجي سُنڍ (يعني بار کان نااميد) گهرواريءِ کي اولاد بخشڻ تي بہ قادِر آهي، بهرحال انهيءَ وَقت ۽ انهيءَ هنڌ تي جتي ان بارڙي سان اها گفتگو ٿي هئي، انهن بارگاهِ الٰهي ۾ دُعا ڪئي. عرض ڪيو تہ اي مولیٰ! مون کي هن پوڙهائپ ۾ خاص پنهنجي طرفان هڪ پاڪ ۽ سترو پٽ عطا فرماءِ، تون دعائن کي قبول فرمائڻ وارو آهين. جڏهن تُو حَنَّہ جي دعا قبول ڪئي تہ منهنجي دعا کي بہ ضرور قبول فرمائيندي. (المرجع السابق، ۳۹۰/۳، بتغير قليل و ملتقطاً)
قرآنِ ڪريم ۾ انهن جي ان جڳهه تي دعا ڪرڻ جو ذِڪر موجود آهي، جيئن سيپاري ٽي، سورهءِ آلِ عمران، آيت نمبر 38 ۾ ارشاد آهي:

هُنَالِكَ دَعَا زَكَرِيَّا رَبَّهٗ ۚ قَالَ رَبِّ هَبْ لِيْ مِنْ لَّدُنْكَ ذُرِّيَّةً طَيِّبَةً ۚ اِنَّكَ سَمِيْعُ الدُّعَآءِ ﴿۳۸﴾ (پ۳، آلِ عمران:۳۸)

**ترجمو ڪنزالايمان:** اتي زڪريا پنهنجي رب کي سڏيو عرض ڪيائين اي منهنجا رب مون کي پاڻ وٽان سٺي اولاد ڏي بيشڪ تون ئي آهين دعا ٻڌندڙ. (عمران 38)

الله پاڪ انهن جي دُعا کي بہ شَرَفِ قبوليت بخشيو ۽ ڪجھ عرصي کان پوءِ انهن وٽ هڪ نيڪ ۽ صالِح فرزند جي وِلادت ٿي جنهن جو نالو "يحييٰ" رکيو ويو. حضرت زَڪرِيا عليه الصَّلوٰة وَالسَّلام جيان انهن جا فرزند حضرت يحييٰ عليه الصَّلوٰة وَالسَّلام بہ منصبِ نبوت تي فائِز ٿيا.

جڏهن تہ حضرت مريم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا کي الله ڪريم بغير پيءُ جي حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلام جي صورت ۾ فرزند عطا فرمايو. الله رَبُّ العِزت جي انهن تي رحمت ٿئي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حِساب مغفرت ٿئي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حضرت مريم جي واقعي مان حاصل ٿيندڙ مدني گل

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت مريم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا جي هن واقعي ۾ اسان جي لاءِ ڪيئي مدني گل موجود آهن. هڪ ڳالھ اها معلوم ٿي تہ جيڪو الله پاڪ جي رحمت کان اميد رکي ٿو ان جي اميد پوري ٿيندي آهي. جڏهن بہ اميد سان ربّ ڪريم جي بارگاھ ۾ خلوصِ نيت ۽ صِدقِ دل سان دعا ڪئي وڃي اها دعا ضرور قبول ٿيندي آهي، غور ڪريو! جڏهن حضرت مريم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا جي والده حضرت حَنَّہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا بارگاھ الٰهي ۾ دعا ڪئي تہ پوڙهائپ جي باوجود، اهڙي وڏي عمر جي باوجود عام طور جنهن ۾ اولاد ناهي ٿيندو، الله پاڪ انهن کي

اهڙي نياڻي عطا فرمائي جيڪي مادر زاد (پيدائشي) وَلِيّہ هيون. ۽ انهن جو حال اهو ٿيو جو ڪير پياڪ ڄمار ۾ انهن کان ڪرامتن جو اظهار ٿيڻ لڳو.

هن آيت مان پيا بہ ڪيئي مدني گل ملن ٿا، جن ڏانهن رهنمائي ڪندي مشهور مفسرِ قرآن، حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: (هتان اها ڳالهہ معلوم ٿي تہ) ڪجهہ ماڻهن جو پنهنجو پاڻ کي دين جي لاءِ خالِص ڪرڻ ضروري آهي جيڪڏهن سيئي ماڻهو دنيا ۾ مشغول ٿي وڃن تہ دين ڪيئن قائم رهندو. ڪاش! مسلمان هن مان عبرت وٺن ۽ پنهنجي بعض اولاد کي خدمتِ دين جي لاءِ وَقف ڪن جن کي ننڍپڻ کان ئي ان جي لاءِ تيار ڪن، پر افسوس تہ هاڻي مسلمان جي نظر ماني تي رهجي وئي، پر ياد رکو تہ توهان جي عزت دين سان آهي ۽ دين جو باقي رهڻ عُلَماء ۽ نيڪن مان آهي، جيڪڏهن پنهنجي بقا چاهيو ٿا تہ پنهنجي جماعت ۾ اهڙا ماڻهو گهڻا بڻايو. (تفسير نعيمی، پ۳، آلِ عمران، تحت الآية:۳۶، ۳۷۵/۳) ربّ ڪريم فرمائي ٿو:

فَلَوۡ لَا نَفَرَ مِنۡ كُلِّ فِرۡقَةٍ مِّنۡهُمۡ طَآئِفَةٌ لِّيَتَفَقَّهُوۡا فِی الدِّیۡنِ (پ۱۱، التوبه:۱۲۲)

**ترجموڪنزالايمان:** ائين ڇو نہ ٿئي جو انهن جي هر گروهہ منجهان هڪ جماعت نڪري جيڪا دين جي سمجهہ حاصل ڪري. (پ11، التوبه: 122)

## بزرگن جي دعا جون برڪتون

حڪيم الأُمّت حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ ٻئي نڪتي ڏانهن رهنمائي ڪندي فرمائن ٿا: هڪ ڳالهہ اها بہ معلوم ٿي تہ بزرگن جي دعا سان ربّ ڪريم پنهنجي قانون کي بدلي ڇڏيندو آهي، ❖ ڏسو! ربّ ڪريم حضرت حَنَّہ جي دعا سان ان زماني جو شرعي قانون بدلي ڇڏيو، ❖ حُضُور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خواهش سان بَيتُ المقدس جي قبلي هئڻ جو قانون تبديل ڪري ڇڏيو، ❖ حضرت ابراهيم ۽ زَڪرِيا عَلَيْهِمَا الصَّلٰوةُ وَ السَّلَام جي دعا سان سنڍ پوڙهي عورتن کي اولاد بخشيو اهو بہ قانونِ وِلادت جي خِلَاف آهي، ❖ (حضرت) عيسيٰ

عَلَيْهِ السَّلَام جي دعا سان آسمان تان ماني ۽ مڇي جو دستر خوان آيو جڏهن تہ آسمان تان پاڻي اچڻ جو قانون آهي اتان کان ماني اچڻ جو قانون ناهي، ❖ حضرت حِزقِيل ۽ عُزَير عَلَيْهِمَا الصَّلٰوة وَ السَّلَام جي دعا سان مئلن کي ڪيئي صديون گذري وڃڻ کان پوءِ زنده فرمايو، جڏهن تہ قيامت کان پهريان مرده زنده هئڻ خِلَافِ قانون آهي. معلوم ٿيو:

نگاہ مردِ مومن سے بدل جاتی ہیں تقدیریں

(المرجع السابق)

مفتي صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ ٻيو نڪتو بيان ڪندي فرمائن ٿا: هتي اهو بہ معلوم ٿيو تہ نُزُولِ رحمت جي وَقت دُعا گهرڻ سنّتِ انبياء آهي. ڏسو! حضرت زَڪرِيا عَلَيْهِ السَّلَام حضرت مريم (رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا) وٽ بي موسم ميوو ڏسي دُعا ڪئي. حديث شريف ۾ آهي تہ برسات جي وَقت دعا گهرو تہ اهو نُزولِ رحمت جو وَقت آهي. (المرجع السابق، تحت الآية:۳۸، ۳/۳۹۱)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 مَدَني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم "مدرسة المدينہ بالغان"

دعوتِ اسلامي تحت خدمتِ قرآن جو هڪ ذريعو مدرسة المدينه بالغان آهي. مدرسة المدينه بالغان ۾ شرڪت 12 مَدَني ڪمن مان روزانو جو هڪ مَدَني ڪم بہ آهي. اَلْحَمْدُ لِله مدرسة المدينہ بالغان ۾ شرڪت جا ڪيئي فائدا ۽ برڪتون آهن. ❖ مَدرَسة المدينہ بالِغان قرآنِ پاڪ دُرست پڙهڻ جو هڪ ذريعو آهي ❖ مَدرَسة المدينہ بالِغان نماز، وُضو ۽ غُسل وغيره بعض ضروري اَحڪام سکڻ جو بهترين ذِريعو آهي، ❖ مَدرَسة المدينہ بالِغان ۾ حاضِري جي بَرَڪت سان سنّي صُحبت ملي ٿي، ❖ مَدرَسة المدينہ بالِغان جي بَرَڪت سان قرآنِ ڪريم پڙهڻ پڙهائڻ جي سعادت ملي ٿي، ❖ مَدرَسة المدينہ بالِغان جي بَرَڪت سان عِلمِ دِين جي دَولت نصيب ٿيندي آهي، ❖ مَدرَسة المدينہ بالِغان جي بَرَڪت

سان مَدَني اِنعامات تي عمل جو جذبو ملندو آهي. اچو! مَدرَسة المدينہ بالِغان ۾ پڙهڻ جي بَرَڪت تي مُشتَمِل هڪ مَدَني بهار ٻڌو،

## مدرسة المدينہ بالغان جي برڪت

بابُ المدينہ (ڪراچي) جي رهائشي اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ هو مَدَني ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان پهريان فلمون ڏسڻ جو شوقين هو. ڪڏهن تہ ڏينهن ۾ ٻہ ٻہ ڀيرا سينما گهر پهچي ويندو هو. هڪ ڀيرو رمضان المبارڪ 1991 ۾ ان جي هڪ اسلامي ڀاءُ سان ملاقات ٿي جن ان کي مدرسة المدينہ بالغان ۾ قرآن پاڪ پڙهڻ جي ترغيب ڏياري. ان اسلامي ڀاءُ جي محبت ڀري انداز سان متاثر ٿي مدرسي ۾ پڙهڻ جي لاءِ هائو ڪيائين ۽ استقامت سان مدرسة المدينہ بالغان ۾ شرڪت ڪرڻ لڳو. مدرسة المدينہ بالغان جي برڪت سان نہ صرف درست مخارج سان قرآن پاڪ پڙهڻ سکي ويو بلڪ هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جو معمول بہ بڻجي ويو. گناهن کان توبہ ڪري آهستہ آهستہ مدني ماحول جي رنگ ۾ رنگجي ويو ۽ ڪجھ سال کان پوءِ مُدَرِّس ڪورس ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري مدرسة المدينہ بالغان پڙهائڻ وارو بڻجي ويو.

اگر سُنّتیں سیکھنے کا ہے جذبہ تم آجاؤ دیگا سِکھا مَدَنی ماحول
بُری صُحبتوں سے کَنارہ کَشی کر کے اچھوں کے پاس آکے پا مَدَنی ماحول
سَنور جائے گی آخِرت اِنْ شَآءَ الله تم اپنائے رکھو سَدا مَدَنی ماحول
گنہگارو آؤ، سِیَہ کارو آؤ گُناہوں کو دیگا چُھڑا مَدَنی ماحول

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## تذڪرهٔ بابا فريد الدين گنج شڪر

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان نننڍڙي ڄمار ۾ ئي ولايت جي منزل تي فائز

ٿيڻ وارن الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن جي باري ۾ ٻڌي رهيا هئاسين. انهن مان هڪ شيخ الاسلام، حضرت بابا فريدالدين مسعود گنجِ شڪر چشتي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه به آهن.

حضرت بابا فريد گنجِ شڪر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نيڪ گهراڻي ۾ اک کولي. سندن جا والد محترم قاضي سليمان عالمِ دين هئا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي والده نيڪ نمازي ۽ تهجُّد گذار هئڻ سان گڏوگڏ وَلِيّہ به هيون. (انوار الفريد، ص ۴۳، حياتِ گنج شکر، ص۲۵۳وغيره) هڪ ڀيري اوڻٽيهه شعبان تي آسمان تي ڪڪر هو. ماڻهو هڪ اَبدال وٽ ويا جيڪي انهيء علائقي ۾ رهندا هئا. جڏهن انهن کان رمضان جي روزي جي باري ۾ پڇيو ويو ته انهن فرمايو: اڄ رات قاضي سليمان وٽ هڪ پٽ جي ولادت ٿيندي جيڪو وقت جو قطب ٿيندو. جيڪڏهن اهو ٻار سياڻي کير نه پيئي ته توهان روزو رکي وٺجو نه ته نه. پوء انهيء رات قاضي سليمان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وٽ نيڪ بخت پٽ جي ولادت ٿي ۽ ان اڳئين ڏينهن کير نه پيتو ۽ روزو رکيو. ان کي ڏسي ماڻهن به روزو رکي ورتو. اهو ٻار ڪو ٻيو نه بلڪ حضرت بابا فريد الدين مسعود گنجِ شڪر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هو. (اقتباس الانوار، ص۴۳۴، حيات ِ گنج شکر ، ص۲۵۵)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! غور ڪريو! الله پاڪ پنهنجي ولين کي ڪهڙي شان عطا فرمائي آهي جو اهي دنيا ۾ ايندي ئي روزا رکڻ شروع ڪري ڏيندا هئا، اسان کي به گهرجي ته اسان به انهن الله وارن جي سيرت تي هلندي رضاءِ الاهي ۽ ثواب جي لاءِ، محبتِ الاهي حاصل ڪرڻ جي لاءِ خوب نيڪ عمل ڪريون، هردم گناهن کان بچون، . اسان کي به گهرجي ته اسان به پنهنجي اندر عبادت جو شوق پيدا ڪريون. اسان کي گهرجي ته پنهنجي پاڻ کي نماز روزي جو پابند ڪيون. اسان کي گهرجي ته اسان به سڄي زندگي فرائض و واجبات جي پابندي ڪريون. اسان کي گهرجي ته پنهنجي عبادتن ۾ خشوع و خضوع پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون. اسان کي گهرجي ته اسان پنهنجي بزرگانِ دين جي نقشِ قدم تي هلون. اسان کي گهرجي ته اسان به علمِ دين سکڻ وارا بڻجون. اسان جا بزرگانِ دين به علم سکڻ جا شيدائي هئا. جيئن ته منقول آهي،

## شرفِ بيعت جو واقعو

طالب علمي جي دوران حضرت بابا فريد گنج شکر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مسجد ۾ تشريف کڻي ويندا هئا ۽ قبلہ رُخ ويهي پنهنجا سبق ياد کندا هئا. هڪ ڀيري سُلطانُ المشائخ حضرت قُطب الدين بختيار ڪاڪي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ملتان ۾ جلوه گر ٿيا ۽ انهيءَ مسجد ۾ نماز پڙهڻ جي لاءِ تشريف وٺي آيا. حضرت بابا فريد گنج شکر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه عادت موجب مُطَالَعي ۾ مصروف هئا تہ هڪ خوشگوار احساس سندن کي نظر کڻڻ تي مجبور ڪيو. نظر کڻڻ جي دير هئي جو هڪ ڪامل ولي جي روشن ۽ نوراني چهري جي زيارت سان اکيون ٺڏيون ٿيڻ لڳيون، ۽ پوءِ احترام ۾ بيهي رهيا ۽ ويجهو اچي گوڏن ڀر ويهي رهيا. حضرت قُطبُ الدين بختيار ڪاڪي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تحية المسجد(جي نفلن) مان فارغ ٿي پڇا ڪيائون: ڇا پڙهي رهيا آهيو؟ عرض ڪيائون: فقہ جو ڪتاب "اَلنَّافِع" آهي، فرمايائون: ڇا توهان کي معلوم آهي تہ هن ڪتاب مان نفعو ٿيندو؟ عرض ڪيائون: حضور! نفعو تہ اوهان جي نظرِ ڪرم سان ٿيندو. جواب ٻڌي حضرت قُطب الدين بختيار ڪاڪي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه گهڻو خوش ٿيا ۽ شفقت فرمائيندي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي پنهنجي مريدن ۾ شامل ڪري ورتو. جڏهن حضرت قُطب الدين بختيار ڪاڪي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ملتان شريف مان واپس موٽيا تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بہ پويان پويان هلڻ لڳا اهو ڏسي حضرت قُطب الدين بختيار ڪاڪي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايائون: پهريان خوب علمِ دين حاصل ڪريو، پوءِ مون وٽ دهلي اچجو ڇوتہ بي علم زاهد (يعني علم نہ رکڻ وارو پرهيزگار) شيطان جو رانديڪو آهي. (سير الاولياء مترجم، ص١٢١،خزينة الاصفياء،١١٠/٢ملخصاً)

## عِلمِ حاصل ڪرڻ جون برڪتون

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! علمِ دين حاصل ڪرڻ تمام وڏي سعادت ۽ افضل عبادت آهي. علم جي روشني سان جهالت ۽ گمراهي جي اونداهين مان نجات ملندي آهي .علم ئي سان الله پاڪ جي سڃاڻپ حاصل ٿيندي آهي. علم جي بغير عمل ڪرڻ وارن جا عمل اڪثر دُرُستي بنا ۽ ثواب جي بغير ۽ عذاب جو سبب ٿي ويندا آهن. عِلمِ دِين سکڻ جو ذهن بنائڻ جي لاءِ هن فتنن جي دَور ۾ "**مدني چينل**" تمام گهڻو

معاون ۽ مددگار آهي، ❖ **مدني چينل** تي هلڻ وارا عِلمِ دِين سان مالامال مختلف سلسلا عِلمِ دِين سکڻ جو شوق پيدا ڪندا، **هفتيوار مدني مذاڪرو** پاڻ بہ پابندي سان ڏسو ۽ پنهنجي گهروارن کي بہ ڏيکاريو، ان سان بہ **عِلمِ دِين سکڻ** جو شوق پيدا ٿيندو، ❖ **هر هفتيوار مدني رِسالي** جو مطالعو ڪرڻ يا ٻڌڻ جو معمول بڻائي وٺو، ان جي برڪت سان بہ **عِلمِ دِين سکڻ** جو شوق پيدا ٿيندو ❖ **ماهنامہ فيضانِ مدينہ** جي مطالعي جي برڪت سان بہ **عِلمِ دِين سکڻ** جو شوق پيدا ٿيندو. ❖ دعوتِ اِسلامي جي ويب سائٽ (www.dawateislami.net) جي وِزٽ ڪريو، ڪوڙ موضوعن تي **سُنّتن ڀريا بيانات** (آڊيو/ويڊيو)، **مدني مذاڪرو** ڏسڻ ٻڌڻ، عِلمِ دِين سان مالامال **ڪتابن ۽ رسالن** جي مطالعي جي برڪت سان **عِلمِ دِين سکڻ** جو شوق پيدا ٿيندو. ❖ مدني قافلن ۾ سفر جي برڪت سان **عِلمِ دِين سکڻ** جو شوق پيدا ٿيندو.

**ياد رهي!** ڪجهہ علومن کي حاصل ڪرڻ فرض آهي. جيئن تہ حضورِ اڪرم، رحمتِ عالَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: ”طَلَبُ الْعِلْمِ فَرِيضَةٌ عَلٰى كُلِّ مُسْلِمٍ“ يعني علم حاصل ڪرڻ هر مسلمان تي فرض آهي. (ابن ماجه،كتاب السنة،باب فضل العلماء...الخ،١ /١٤٦،حديث: ٢٢٤) هن حديث پاڪ مان اسڪول ۽ ڪاليج ۾ رائج ٿيل دنياوي تعليم نہ بلڪ ضروري ديني علم مراد آهي،

❖ لهٰذا سڀ کان پهرين بنيادي عقيدن جو علم سکڻ فرض آهي. ❖ ان کان پوءِ نماز جا فرض، شرط ۽ مُفسِدات (يعني نماز ڪيئن درست ٿيندي آهي ۽ ڪيئن ٽٽي پوندي آهي) ❖ پوءِ رمضانُ المُبارڪ جي آمد تي روزا فرض هجڻ جي صورت ۾ روزن جا ضروري مسئلا (سکڻ فرض آهن) ❖ جنهن تي زڪوٰت فرض هجي ان جي لاءِ زڪوٰت جا ضروري مسئلا (سکڻ فرض آهن)، ❖ اهڙيءَ طرح حج فرض هجڻ جي صورت ۾ حج جا ( مسئلا سکڻ فرض آهن)، ❖ نڪاح ڪرڻ چاهي تہ نڪاح جا، ❖ واپاري کي خريد ۽ فروخت جا(مسئلا سکڻ فرض آهن)، ❖ نوڪري ڪرڻ واري جي لاءِ نوڪري جا، نوڪر رکڻ واري جي لاءِ اِجاري جا ❖ هر مسلمان عاقل بالغ مرد ۽ عورت تي ان جي موجوده حالت جي مطابق مسئلا سکڻ

فرضِ عين آهن. ❖ اهڙي طرح هر هڪ جي لاءِ حلال ۽ حرام جا مسئلا بہ سکڻ فرض آهن ❖ اهڙي طرح باطني فرض مثال طور: عاجزي، اِخلاص، ۽ تَوَڪُّل وغيرها ۽ انهن کي حاصل ڪرڻ جو طريقو ۽ باطني گناهہ مثال طور تڪبُّر، رياڪاري، حسد، بدگماني، بغض ۽ ڪينو، شُماتت (يعني ڪنهن جي مصيبت تي خوش ٿيڻ) وغيرها ۽ انهن جو علاج سکڻ هر مسلمان تي فرض آهي. ❖ مُهلِڪات يعني هلاڪت ۾ وجهڻ واريون شيون جيئن تہ وعده خلافي، ڪوڙ، غيبت، چغلي، بُهتان بدنگاهي، ڌوڪو، ايذاءِ مسلم وغيره وغيره تمام صغيره ۽ ڪبيره گناهن جي باري ۾ ضروري احڪام سکڻ بہ فرض آهن تہ جيئن انهن کان بچي سگهجي. (نيکی کی دعوت، ص۱۳۵ بتغير) انهن علمن جي وڌيڪ تفصيلات جي لاءِ اميرِ اهلسنّت جي تصنيف" **نيڪي جي دعوت**" ص 135 جو مطالعو اِنتهائي مُفيد رهندو.

اي عاشقانِ رسول! واقعي **عِلمِ دِين** هڪ لازوال دولت آهي، **عِلمِ دِين** انبيا عَلَيهِمُ السَّلام جي ميراث آهي، **عِلمِ دِين** قُربتِ الٰهي جي راهہ آهي، **عِلمِ دِين** هدايت جو سرچشمو آهي، **عِلمِ دِين** گناهن کان بچڻ جو ذريعو آهي، **عِلمِ دِين** خوفِ خدا بيدار ڪرڻ جو نسخو آهي، **عِلمِ دِين** دنيا ۽ آخرت جي عزّت ماڻڻ جو سبب آهي، **عِلمِ دِين** مُرده دلين جي حيات (Life) آهي، **عِلمِ دِين** ايمان جي سلامتي جو محافظ آهي، **عِلمِ دِين** خلقِ خدا جي محبت ماڻڻ جو سبب آهي. مطلب تہ! **عِلمِ دِين** بي شمار خوبين جو جامع آهي، **عِلمِ دِين** ۾ دِين بہ آهي، **عِلمِ دِين** ۾ دنيا بہ آهي، **عِلمِ دِين** ۾ سڪون بہ آهي، **عِلمِ دِين** ۾ اطمينان بہ آهي، **عِلمِ دِين** ۾ لذّت بہ آهي، **عِلمِ دِين** ۾ آرام بہ آهي، تنهنڪري عقل مند اهو ئي آهي جيڪو **عِلمِ دِين** جي طلب ۾ مشغول ٿي دنيا سان گڏ اخروي نجات جي بهتري جو بہ سامان ڪري وجي. افسوس! اسان جي معاشري جي اڪثريت نہ تہ پاڻ عِلمِ دِين سکڻ ڏانهن متوجهہ ٿئي ٿي ۽ نہ ئي پنهنجي اولاد کي عِلمِ دِين سيکاري ٿي. پنهنجي هوشيار (لائق ۽ ذهين) ٻارن کي دُنياوي علوم وفنون تہ خوب سکاريا ويندا آهن پر فرض علوم، قرآنِ ڪريم پڙهائڻ ۽ سُنّتون سيکارڻ ڏانهن توجهہ ناهي ڪئي ويندي. اها خواهش تہ ڪئي ويندي آهي تہ منهنجو پٽ ڊاڪٽر، انجينئر، پروفيسر ۽ ڪمپيوٽر

پروگرام بڻجي پر پنهنجي اولاد کي حافظِ قرآن، عالمِ دين، مفتيءِ اسلام ۽ شيخ الحديث بنائڻ جي سوچ ختم ٿيندي پئي وڃي. **اي ڪاش!** اسان پنهنجي اولاد کي علِم دِين سيکاري پنهنجي لاءِ **صدقه جاريه** ڇڏي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون، **اي ڪاش!** هر پيءُ اها تمنّا رکندو هجي ته منهنجي مرڻ کان پوءِ منهنجي اولاد مان ڪو **غُسلِ ميت** ڏي، منهنجي اولاد مان ڪو منهنجو **جنازو** پڙهائي، منهنجي **تدفين** جي وقت منهنجي اولاد **قبر تي تِلاوتِ قرآن** ڪري منهنجي انڌيري قبر ۾ روشني جو ذريعو بڻجي، منهنجي اولاد منهنجي لاءِ **اِيصالِ ثواب** ڪري، پر **ياد رکو!** اهي تمنائون تڏهن پوريون ٿي سگهنديون جڏهن اسان جو اولاد **عِلمِ دِين جي لازوال دولت** سان مالا مال ٿيندو. اللّٰه پاڪ اسان کي علمِ دين سکڻ سيکارڻ جو جذبو نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## تذڪره بهاءُالدِّين مُلتاني رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان ننڍڙي ڄمار ۾ ئي تاج ولايت سجائڻ وارن اولياءِ ڪرام جي باري ۾ پڙهي رهيا هئاسين. انهن مان هڪ حضرت شيخ الاسلام بهاء الدين زڪريا ملتاني رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ به آهن. سندن جو شمار به مادر زاد (پيدائشي) ولين سڳورن ۾ ٿئي ٿو. بزرگي جا آثار ته وقتِ ولادت ئي کان ظاهر هئا. منقول آهي ته پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ ننڍپڻ ۾ به رمضان المبارڪ ۾ ڏينهن جي وقت کير نه پيئندا هئا. (تذکرہ حضرت بہاءالدین زکریا ملتانی، ص۴۰، اللّٰہ کے ولی، ص۴۰۲ ملخصاً) سندن ولايت جون نشانيون ننڍپڻ کان ئي ظاهر ٿيڻ لڳيون هيون. پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جا والِدِ ماجد حضرت وَجِيهُ الدّين محمد غوث رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ سندن وٽ تلاوتِ قرآنِ ڪريم ڪندا هئا ته پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ ماءُ جو کير ڇڏي تلاوت ڏانهن متوجهه ٿي ويندا هئا. ڄڻ قرآن پڙهي رهيا هجن. (تذکرہ اولیائےپاک و ہند،ص۳۶،تذکرہ حضرت بہاءالدین زکریا ملتانی،ص۴۰، اللہ کےخاص بندے،

ص۵۴۰، اللہ کے ولی، ص۴۰۳ ملخصاً) مادر زاد ولي هئڻ جي باوجود شعور واري عمر پهچندي ئي حضرت بهاءُ الدين زَڪريا ملتاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه علمِ دين سکڻ ڏانهن متوجهه ٿيا. الله پاڪ جي عطا ڪيل صلاحيتن ۽ ڪريم استاد جي شفقتن سان پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه 7 يا 12 سالن جي عمر ۾ ئي مڪمل قرآن پاڪ قرأتِ سَبعہ(ستن مختلف قرائتن) سان حفظ ڪري ورتو. پوءِ مقامي استادن وٽان علم پرايو. (تذکرہ حضرت بہاءالدین زکریا ملتانی، ص۴۱، تذکرہ مشائخ سہروردیہ قلندریہ، ص۱۴۲) حضرت شيخ بهاء الدين زڪريا ملتاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اڃا 12 سالن جا هئا جو والد سڳورن جو سايو ڪڄي ويو. سندن چاچي حضرت شيخ احمد غوث رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مٿي تي والد ماجد جي دستار ٻڌي ۽ آباءواَجداد جي مَسنَد تي ويهاري خانقاه جا سمورا انتظام پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي حوالي ڪري ڇڏيا. (تذکرہ حضرت بہاءالدین زکریا ملتانی، ص۴۱ملخصاً، تذکرہ اولیائےپاک و ہند،ص۳۶ ملخصاً) پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي دل ۾ علمِ دين حاصل ڪرڻ جو جذبو هو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي چاچي کي سمورا انتظام سنڀالڻ جي التجا ڪئي ۽ پاڻ علم دين حاصل ڪرڻ جي لاءِ اجازت گهري ۽ انهن جي اجازت کان علمِ دين سکڻ هليا ويا. (اللہ کے ولی، ص۴۰۳،۴۰۴)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي بہ گهرجي تہ پنهنجي اولاد يا جيڪي اسان جي سرپرستي ۾ هجن انهن کي علم دين حاصل ڪرڻ جو ذهن ڏيون ۽ جيڪي علم دين حاصل ڪرڻ جو ذوق شوق رکندا هجن انهن جي حوصلہ افزائي بہ ڪريون. جيتري ٿائين ٿي سگهي هر لحاظ سان انهن جي مدد بہ ڪريو.

## اولاد جي ديني تربيت ڪريو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! اوهان جو پيارو پٽ اوهان جي جگر جو ٽڪرو ۽ پنهنجي ماءُ جي اکين جو تارو ئي سهي پر اهو نہ وساريو تہ اهو الله پاڪ جو ٻانهو، ان جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو امتي ۽ اسلامي معاشري جو هڪ فرد آهي، جيڪڏهن اوهان جي تربيت ان کي الله پاڪ جي درست طريقي سان عبادت، سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جون سنتون ۽ اسلامي معاشري ۾ ان جون ذميداريون

نہ سيکاري سگهي تہ ان کي پنهنجو اطاعت گذار فرزند ڏسڻ جا سونهري خواب بہ نہ ڏسو، ڇوتہ اهو اسلام ئي تہ آهي جيڪو هڪ مسلمان کي پنهنجي والدين جي اطاعت ۽ انهن جي حقن جي ادائگي جو درس ڏيندو آهي ڏٺو هي ويو آهي تہ جڏهن اولاد جي تربيت ۾ غفلت جا اثر سامهون ايندا آهن تہ اهي والدين هر هڪ جي سامهون پنهنجي اولاد جي بگڙڻ جي ڳالهہ ڪندا آهن، انهن کي اهو نہ وسارڻ گهرجي تہ اولاد کي ان حال ۾ پهچائڻ ۾ انهن جو پنهنجو بہ هٿ آهي، انهن پنهنجي ٻار کي ABC تہ سيکاري، پر قرآن پڙهڻ نہ سيکاريو، مغربي تهذيب جا طور طريقا تہ سمجهايا پر رسول عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جون سنتون نہ سيکاريون، جنرل ناليج جي اهميت تي انهن جي سامهون ڪلاڪن جا ڪلاڪ ليڪچر ڏنا پر فرض ديني علوم حاصل ڪرڻ جي رغبت نہ ڏياري، ان جي دل ۾ مال جي محبت تہ وڌي پر عشق رسول جي شمع نہ جلائي، ان کي دنياوي ناڪامين جو خوف ڏياريو پر قبر ۽ حشر جي امتحان جي ناڪامي جي ڀيانڪ نتيجن کان نہ ديڄاريو، ان کي "هيلو هائو آر يو!" چوڻ تہ سيکاريو پر سلام جو صحيح طريقو نہ ٻڌايو. ان مقصد کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جو مَدَني ماحول هڪ زبردست نعمت آهي. قرآن واحاديث ۽ اقوالِ بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِين جي روشني ۾ اولاد جي تربيت جو طريقو ڄاڻڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي 188 صَفحن تي مشتمل ڪتاب، "تربيتِ اولاد" جو ضَرور مُطالعو ڪريو. (نیکی کی دعوت، ص۵۴۶ ملخصاً)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مجلسِ رابطہ بالعلماءوالمشائخ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اولياءڪرام جي برڪتن سان مالا مال ٿيڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مَدَني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابستہ ٿي خدمتِ دين جي لاءِ پنهنجون خدمتون پيش ڪريو. اَلْحَمْدُلِلّٰه دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ خدمتِ دين جي 104 کان وڌيڪ شعبن ۾ نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ ۾ مصروفِ عمل آهي. هنن شعبن مان هڪ شعبو "مجلسِ رابطہ

بالعلما والمشائخ“ بہ آهي جنهن جو بنيادي مقصد سُنّي علماء ڪرام ۽ مشائخ عظام مثال طور مسجدن جي امامن خطيبن ۽ پيرانِ طريقت وغيره کي دعوتِ اسلامي جي دِيني خدمتن کان آگاهہ ڪرڻ، مدني ڪمن ۾ انهن جي مدد حاصل ڪرڻ، انهن جون دعائون وٺڻ ۽ سُنّي جامعات ۽ مدرسن ۾ مدني ڪمن جي ترڪيب بڻائڻ، هفتيوار سُنّتن ڀري اجتماع ۽ هفتيوار مدني مذاڪري، مختلف تربيتي اجتماعن ۾ سُنّي جامعات ۽ مدرسن جي شاگردن کي شرڪت ڪرائڻ، انهن جي لاءِ مناسب خيرخواهي جو اِنتظام ڪرڻ آهي.الله تعاليٰ دعوتِ اسلامي ۽ مجلسِ رابطہ بالعلما والمشائخ کي وڌيڪ ترقيون عطا فرمائي ۽ اسان کي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول تي اِستقامت نصيب فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

الله کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں      اے دعوتِ اسلامی تری دھوم مچی ہے

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب!      صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،۱/۹۷،حديث:۱۷۵)

## اذان جون سُنّتون ۽ آداب

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اچو! آذان جون سنتون ۽ آداب بابت ڪجھ نڪتا ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪريون ٿا. پهريان 2 فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ملاحظ ڪريو:

(1) فرمايائون: ثواب جي خاطر اذان ڏيڻ وارو ان شهيد جيان آهي جيڪو رت ۾

لِتڙيل هجي ۽ جڏهن مرندو ته قبر اندر ان جي جسم ۾ ڪيڙا نه پوندا. (اَلْمُعْجَمُ الْكبِير لِلطّبَراني،۳۲۲/۱۲،حديث: ۱۳۵۵۴) (2) فرمايائون: مان جنّت ۾ ويس، اتي موتين جا گنبذ ڏٺم، ان جي مٽي مُشڪ جي آهي، پڇا ڪيم ته اي جبريل! اهي ڪنهن جي لاءِ آهن؟ عرض ڪيائين: توهان جي امت جي مُؤذِنن ۽ امامن جي لاءِ آهن. (اَلْجامِعُ الصَّغِير لِلسُّيوطي، ص۲۵۵حديث: ۴۱۷۹) ❖ نبي اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سفر ۾ هڪ دفعو اذان ڏني ۽ ڪلمو شهادت هيئن چيو: اَشْهَدُ اَنِّيْ رَسُوْلُ الله (مان گواهي ڏيان ٿو ته مان الله جو رسول آهيان). (فتاوٰي رضويه مُخَرَّجه،۳۷۵/۵) ❖ جنهن ڳوٺ ۾ اَذان ڏني وڃي، الله پاڪ پنهنجي عذاب کان ان ڏينهن ان ڳوٺ کي امن ڏيندو آهي. (اَلْمُعْجَمُ الْكبِير لِلطّبَراني،۲۵۷/۱، حديث ۷۴۶) ❖ پنج ئي فرض نمازون انهن ۾ جمعو به شامل آهي جڏهن جماعت اوليٰ (پهرين جماعت سان مسجد ۾ وقت تي ادا ڪيون وڃن ته انهن جي لاءِ اذان سنّت مؤڪَّده آهي، ان جو حڪم واجب وانگر آهي جيڪڏهن اذان نه ڏني وئي ته اتي جا تمام ماڻهو گناهگار ٿيندا. (الفتاوي الهندية، كتاب الصلاة، الباب الثاني، الفصل الاول في صفته واحوال المؤذن،۵۳/۱) ❖ جيڪڏهن ڪو شخص شهر جي اندر گهر ۾ نماز پڙهي ته اتان جي مسجد جي اذان ان جي لاءِ ڪافي آهي پر اذان چوڻ مستحب آهي. (رَدُّالْمُحتار،۲/ ۶۲،۷۸) ❖ اذان وقت شروع ٿيڻ کان پوءِ ڏيو، جيڪڏهن وقت کان اڳ ۾ ڏئي ڇڏي يا وقت کان اڳ ۾ شروع ڪئي ۽ اذان جي دؤران وقت اچي ويو، ٻنهي صورتن ۾ اذان وري ڏيو. (الهداية،۱/ ۴۵) ❖ سمجهدار ٻار به اذان ڏئي سگهي ٿو. (دُرِّمُختار،۲/ ۷۵) ❖ بي وضو جي اذان صحيح آهي پر بي وضوءَ جو اذان ڏيڻ مڪروه آهي. (قانونِ شريعت، ص۱۵۸) ❖ اذان دؤران ڪنن ۾ آڱريون وجهڻ مسنون ۽ مستحب آهن پر هلائڻ ۽ گهمائڻ فضول حرڪت آهي. (فتاوٰي رضويه،۵/ ۳۷۳) ❖ فجر جي اذان ۾ حَيَّ عَلَى الْفَلَاحِ کان پوءِ اَلصَّلٰوةُ خَيْرٌ مِّنَ النَّوْم چوڻ مستحب آهي. (درمختار ج 2 ص 67) جيڪڏهن فجر جي اذان ۾ اَلصَّلٰوةُ خَيْرٌ مِّنَ النَّوْم نه چيو ويو تڏهن به اذان ٿي ويندي. (قانونِ شريعت ص ۱۵۷)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينه** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”**بهار شريعت**“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب “**سنتيں** اور **آداب**” هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

## ايندڙ هفتيوار اجتماع جي بيان جون جهلڪيون

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اِنْ شَآءَالله! آئنده هفتي جي بَيان جو موضوع هوندو: ”استقامت ڪاميابي جو راز آهي“ هن بيان ۾ اسان ٻڌنداسين ته اِستقامت ڇا آهي؟ ڪاميابي جي لاءِ اِستقامت ڇو ضروري آهي؟ اِستقامت حاصل ڪرڻ جا فائدا، قُرآنِ ڪريم ۽ حديث سڳورين ۾ اِستقامت حاصل ڪرڻ جا طريقا، الله وارن جي اِستقامت جا واقعا ۽ اِستقامت جي راهه ۾ حائل ٿيندڙ رڪاوٽن ۽ استقامت حاصل ڪرڻ جا ڪيئي اهم نڪتا به پيش ڪيا ويندا. لٰهذا! **آئنده جمعرات** به اجتماع ۾ حاضري جي نيت ڪريو، نه صرف پاڻ اچڻ جي بلڪ **اِنفرادي ڪوشش** ڪري ٻين کي به گڏ آڻڻ جي نيت ڪريو ۽ هٿ کڻي وڏي آواز سان چئو: اِنْ شَآءَالله

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جيِ هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

---

[1] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[3] ...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کن بُزرگن کان نقل کن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[1]

## (5) قُربِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[2]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[3]

---

[1] …افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[2] …القول البديع، الباب الاول، ص125

[3] … الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡھما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

1... مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی ڪيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305